وتائي فقير جا گفتا

مرتب

دانش نواز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درويش صفت انسان

وتائي فقير جا گفتا

نصيحت پريا نڪتا

مرتب

دانش نواز

شاهه لطيف ڪتاب گهر
گاڏي کاتو، حيدرآباد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا قائم

كتاب جو نالو : وتائي فقير جا گفتا نصيحت پريا نكتا

مرتب : دانش نواز

صفحا : 32

قيمت : -/15 رپيا

ڇاپو : پهريون

ڪمپوز : حبيب قادر قريشي

ملڻ جا هنڌ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بڙاج روڊ، سکر
مولوي نذير احمد مهر، گول مسجد - سکر
ڪتاب مرڪز - فريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
مولانا عطاءُ الله ٽونيه مدرسه، سراج (محلو) پير شريف
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو
مڪتبه عثمانيه چنيهائي - ڪنڊيارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي فقير جو احوال

درويش وتائي فقير کي عام طور ”وتايو“ چيو ويندو آهي، تنهن بابت مشهور آهي تہ هو اصل ۾ ”هندو کتي“ هو ۽ حيدرآباد ويجهو تاجپور شهر ۾ ڄائو. جتان ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس وڏڙا گڏجي اچي نصرپور ۾ ويٺا. سندس پيءُ سندس مگٽو پنهنجي برادريءَ وارن مان عمر ڪوٽ مان ڪرايو.

شاديءَ کان پوءِ فقير، ماءُ پيءُ ۽ زال سميت نصرپور ۾ رهڻ لڳو. جتي ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس پيءُ وفات ڪري ويو.

وتايو فقير، حقيقت ۾ مسلمان هو، پر ڪن ظاهري سببن ڪري خاموش هو ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هو پنهنجي ماءُ ۽ زال سميت مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو ”شيخ طاهر“ رکيو ويو، پر جيئن تہ سندس نالو ”وتايو“ مشهور هو، ان ڪري مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيس ماڻهو انهيءَ نالي سان ئي سڏيندا هئا، جيڪو اڄ تائين مشهور آهي. سندس مقبرو ٽنڊوالهيار کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

هيءُ بزرگ گفتن جي ذريعي ماڻهن کي سياڻپ ۽ نصيحت

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا اهڙا نڪتا ٻڌائي ويندو هو جو ٻڌندڙن کي حيرت وٺي ويندي هئي. سندس ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور آهن، جن مان ڪجهه هن ڪتابڙيءَ ۾ پيش ڪجن ٿيون.

اوهان کي به خبر پوي

ڳالهه ٿا ڪن ته وتايو فقير هڪ ڏينهن پنهنجو گڏهه ڪاهي پڙيءَ تي ويو. پڙيءَ تي پهتل خريدارن مان جڏهن ڪو گڏهه کي ڏسڻ لاءِ اڳيان ٿي آيو ته، گڏهه ڪيس چڪ ٿي هنيو ۽ جڏهن خريدار پويان ڦري سندس جائزو ٿي ورتو ته گڏهه ان کي لت ٿي وهائي ڪيدي. ائين واري وارين ٽن واپارين سان گڏهه اهڙي ڪار ڪئي. نيٺ ڪاوڙ مان هڪ خريدار وتائي کي چيو: فقير مهڙو ڪتر گڏهه آخر توکان وٺندو ڪير.

فقير وراڻيو: ادا، آءٌ به گڏهه وڪري لاءِ ڪونه ڪاهي آيو آهيان، آندو رڳو ان لاءِ اٿم ته ٻين کي به خبر پوي ته مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.

دعا جو درئي ساڙي ڇڏيئي

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير ڪنهن پراهين پنڌ تان موٽندي ٿڪڙو ٽڪڙو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ پهتو ته ڪا مائي سگوري پنهنجي در جي ڳليءَ تي مليس، تنهن جي ڪيڪارڻ تي فقير وراڻيس مائي ڇڏ ڪيڪار کي مسافريءَ کان موٽيو آهيان سو بک به ڏاڍي لڳي اٿم. ٻڌاءِ ڪو اٽئي ٽڪر ڳيو. مائي وراڻيو: فقير تازو ٻيت رڌو اٿم. اچ توکي ڪوسو

ڪوسو پٽ ٿي ڪارايان ۽ فقير دل ئي دل ۾ سوچيو: واھ پلا ڀاڳ منهنجا! ۽ مائيءَ کي چيائين، ادي جلدي آٽي ڏيم. اصل بک ڪان ساھ پيو وڃي!

مائي تڙ تڪڙ ۾ گرم پٽ جي ٿالهي ڀري اچي وتائي اڳيان رکي ۽ چوڻ لڳس، ادا ڪوسو ڪوسو پٽ ڏاڍو مزيدار ٿيندو اٿئي. بس وجهه وات ۾، وچ ڳتيون ڏيندو. اصل دير نه ڪر. فقير به اڳ ئي بک جو تپايل ويتر جو مائيءَ تڪڙ لاءِ چيس سو ويو ڪوسو پٽ ڳهندو.

نيٺ پٽ ڪائي ڪيائين دنگ. جڏهن هلڻ هارو ٿيو ته مائيءَ چيس، فقير ويندي ويندي ڪا دعا ته ڏئي وڃيم. فقير وراڻيو: مائي دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي. هاڻ تو لاءِ ڪهڙي دعا نڪرندي.

سڃاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا

هڪ ڀيري وتايو فقير گهمندي گهمندي عمر ڪوٽ اچي نڪتو، اتان جون عورتون تڙ تي پاڻي ڀري رهيون هيون، جيڪي کيس سڃاڻنديون هيون. انهيءَ وقت انهن عورتن ۾ سندن مڱيندي به موجود هئي. ان تي عورتن سندس مڱينديءَ کي چيو: آئي تون وتائي کي ڪيڪار، ڏسون ته ڇا ٿو چوي؟

جڏهن سندس منگ کيس ڪيڪاريو ته: وتائي هڪدم وراڻيو: ”چريا ڪريا آهيون، پر سڃاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي نالي تي

وتائي فقير هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي ڪنهن ڀاڄيءَ وڪڻندڙ وٽ گدرا رکيل ڏٺا.

ڪنهن فقير گدرن واري اڳيان صدا هڻي چيو: ”خدا جي نالي تي ڏي.“

هن هڪ ڦٽل گدرو ڪڍي ڏنس.

وتائي وري ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي گدرن واري کي ڏنو ۽ چيائينس: ”هن جو ته گدرو ڏيم.“

دڪاندار چونڊي هڪ سٺو گدرو وتائي کي ڏنو. اهو وٺي آسمان ڏي نهاريائين ۽ چيائين: ”تنهنجي نالي تي جيڪي مليو سو به ڏٺئي ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو به ڏس!“

عشق!

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوڀاريون لهواريون ڪري رهيو هو ته، ڳالهين ڪندي اچي عشق جي ڳالهه نڪتي.

فقير پڇيس: ”عشق“ ڇا آهي؟

دوست چيس ته: ”فقير، عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي، جنهن کي اندر ۾ عشق ناهي، سو انسان ئي ڪونهي.“

ان تي فقير چيو، ”ڀلا اهو عشق ڪنهن سان ڪبو آهي ۽ ڪيئن ڪبو آهي؟“

دوست چيس: فقير مرد جو عشق هميشه عورت سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي ۽ ان کي عشق جي اري ۾ اڙائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن، ان کي ڀهرئين سنهون پٽرَ پور ڪٽي هٽبو آهي ۽ ائين عشق اڳتي وڌندو آهي.“

اهي خبرون چارون ڪري، ٻئي موڪلائي روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن فقير گس وٺيو پئي ويو ڏٺائين تہ: هڪ خوبصورت عورت پئي وڃي، فقير جا ڪيو جو هڪ وڏو پٿر کڻي نڪاءُ ڪرايائينس ڪيارڙيءَ ۾، عورت ويچاري ڪري پِئي ۽ بيهوش ٿي ويئي.

فقير ويجهو ويس ۽ ان ڏانهن نهاري چيائينس: ”مون توکي پٿر هنيو هو تہ مون سان عشق ڪر يا ڏند تيزي ڪري پئہ!“

نيت تہ هتي ايندا!

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي، سو ڳوناٽا چورن جا پير کڻي نڪتا. پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير، هتي ڇا ويٺو ڪرين؟“

چيائين: ”چورن جو اڳ تو جهليان، نيت تہ هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏانهن ڪان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوٽي عام آهي تہ: ”وتائي وارو اڳ جهليو اٿيئي!“

سونارو ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو ۽ وتايو فقير، ڪنهن مسافريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي گڏجي نڪتا. پنڌ ڪندي ڪندي ڪين سج لهي ويو. رات جو فقير تہ گس تي ئي ليٽي پيو، پر سوناري وٽ هڪ سؤ روپيا هئا، سو پاسو وٺي وڃي سمهي رهيو.

ٿوري رات گذري تہ ڪن چورن اچي وٽائي کي جاڳايو ۽ چيائونس: ”جيڪي ڪجهہ اٿئي، سو ڪڍي ٻاهر ڪر.“

فقير، اڪيون مهٽيندي چيو: ”ٻيلي آءٌ اهڙي خساري وارو ڪم ڪريان ئي ڪونہ.“

ٻئي چيو تہ: ”يار! ڇو اچي هن سُجي کي ورتو اٿوَ؟“

ان تي وٽائي چيو: ”آءٌ ڪٿي سڄو آهيان تہ خير آهي پر پريان، هو سونارو تہ سُڄو ڪونهي، سؤ رپيا روڪڙا ڪيسي ۾ پيا اٿس!“

اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري آيا ۽ ڪانئس سؤ رپيا ڪسي ورتائون.

جڏهن چور هليا ويا تہ، سوناري، وٽائي کي چيو: ”واهہ يار واهہ، تنهنجي چڱ مڙسي! هٿ وٺي مون کي چورن هٿان ڦرايئي.“

وٽائي چيو: ”سوناري جو سؤ ويو تہ خير آهي، چورن اڳيان پاڻ کي سڄو ثابت ٿورئي ڪبو.“

سهپ

هڪ ڀيري وٽايو فقير پنهنجو گس وٺيو پئي ويو تہ، اوچتو پير ۾ ڪنڊو لڳس، سو وٺي دانهون ڪيائين. سندس دانهن تي ماڻهو اچي مڙيا ۽ ڪانئس پڇيائون: ”ڪر خبر فقير! ڇا ٿيو؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”الله سائين جا ٻه قهر آهن. آءٌ ڪ ايوب ع جهڙو صابر ڪونہ آهيان، جو هيءُ هري هري مون کي سهسائي ٿو. هينئر ڪنڊو هنيو اٿس جي نہ ڪچيس تہ سياٽي ٻالو هٽندو! ٻيلي پاڻ ۾ ايترو سهپ ڪونهي، ان ڪري وٺي رڙيون ڪيم.“

اهو ٻڌي، ماڻهو کِلي هليا ويا.

مئي نہ سهايوَ پر ڏني نہ سهايوَ

هڪ ٻيري جي ڳالهہ آهي تہ: وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ: واٽ تي ڏٺائين تہ ڪي ماڻهو لاش کڻيو پيا اچن، ويجهو وڃي ڪانئن پڇيائين تہ: ”ڇا کڻيو اٿوَ؟“

ماڻهن جواب ڏنس تہ: ”انڌو آهين ڇا؟ ڏسين نٿو تہ لاش کڻيو پيا وڃون!“

وتائي چيو: ”اهو تہ آءٌ بہ پيو ڏسان، پر اهو تہ ٻڌايو، مرد آهي يا عورت!“

هنن چيو: ”عورت!“

وري پڇيائين: ”ڪنواري آهي يا پرڻيل؟“

هنن ٻڌايس تہ: ”ڪنواري!“

ان تي هڪدم چيائين: مار پيئُو، مئي سهايوَ پر ڏني نہ سهايوَ.

وڏو در

هڪ ڏينهن وتايو فقير مسجد جي در تي ويٺو هو تہ،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مائيءَ اچي دعا گهري تہ: ”وڏا در الله جا! پنام پاند ڏجانءِ.“

اهو ٻڌي، وتائي ورائيس: ”مائي سگوري، وڏا در تہ اوهان جا آهن، جن پيغمبر پيدا ڪيا ۽ جن اچي هي مسجدون جوڙايون.“

دُعا

ڪنهن مائيءَ وتائي فقير کي چيو: ”فقير! دعا ڪر تہ، منهنجو ڇوڪرو روئي نہ!“

فقير جواب ڏنس: ”مائي! جيڪي هوندا، سي روئيندا ۽ جيڪي نہ هوندا، سي نہ روئيندا.“

دعوت

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ ويو. جڏهن ڇاڇين پت ڪائي بس ڪيو تہ، اتندا ۽ پٽو (منهہ) ڏيندا پئي ويا ۽ هرڪو پٽو ڏئي پنهنجو نالو لکائيندو ٿي ويو. وتايو فقير بہ انهيءَ پوئي لکندڙ جي پر ۾ اچي بيٺو. ڪيس چيائين: ”لک، وتايو فقير ڏهہ روپيا!“

ماڻهن چيس: ”فقير تو تہ پئسا ڏنائي ڪونہ!“

چيائين: ”هڪڙو ڏيان نہ، ٻيو لکايان بہ نہ ڇا.“

بيماريءَ ۾ دعا

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏيءَ بيماريءَ مُنهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ڊوڙي فقير وٽ آيا ۽ چيائونس:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فقير! خدا کان دعا گهر ته، خير ڪري ۽ هيءَ موزي بيماري ٽاري!“

فقير جواب ڏنو، ”ابا! ڇڏيوس ته به ٿي ڏينهن پلي موجون ماڻي، ۽ ماڻهو ماري دنگ ڪري، پوءِ ڪو نالي ونڻ وارو به ڪونه هوندس.“

ايڏي تڪڙ

هڪ سال وتائي فقير کي خيال ٿيو ته، ٻني پوکجي، سو هڪ شخص سان ڀائيواري ڪيائين. هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا گڏجي زمين تي ويا، انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي کي چيائين: ”فقير! تون وڃي تاندو ڪٽي اچ، ته هيءُ جنگ ساڙيون.“

وتايو فقير اتان روانو ٿيو ۽ هو ويچارو راهه نهاريندو رهيو ته، اجهو ٿو فقير تاندو ڪٽي اچي، پر سج لهڻ تائين وتائي جي ڪابه خبر نه پئي، نيٺ بيزار ٿي هو به گهر موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻنيءَ تي هليو ويو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو رهيو. ٻني به پوکجي راس ٿي ۽ پچي به ويئي. آن صاف ٿيو ۽ ٻنٽي شروع ٿي. وتائي فقير کي خبر پئي ته، اڄ فلاڻي هاريءَ جي ٻنٽي آهي، سو تاندو ڪٽي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ٻاري کي ويجهو پهتو، تڪڙو تڪڙو هلڻ شروع ڪيائين ته، پير ترڪي پيس ۽ وڃي ڪريو.

ماڻهن چيو: ”مار! ايڏي تڪڙ! فقير تاندو ئي ڪيرائي ڇڏيو.“

ان تي وتائي اٽندي وراڻيو: ”ادا! بس ماريو ته انهيءَ تڪڙ آهي نه!“

سيني کي ٻڌائي ڇڏجو!

هڪ ڀيري وتائي فقير ڏڪو خريد ڪيو، اهو ڪاهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو ته، واٽ تي هڪ شخص مليس، جنهن پڇيس ته: فقير! ڏڪو ڪيتري ورتئي؟“

جواب ڏنائين! ”2 رپئين.“

وري ٿورو اڳتي هليو ته، ٻيو شخص مليس، تنهن پڇيس ته: ”فقير ڏڪو ڪيتري مليئه؟“

ان کي به جواب ڏنائين: ”ادا! 2 رپئين.“

اهڙيءَ طرح ڳوٺ تائين پهچندي پهچندي ڪيترن ئي ماڻهن ڪانئس ڏڪي جي قيمت پڇي. جڏهن ڳوٺ کي، ويجهو پهتو ته، دل ۾ خيال ڪيائين ته، جيڪر ڏڪو ڳوٺ ۾ ڪاهي پهتس ته، سيڪو اچي ڏار ڏار بها پڇندو، پوءِ ته منهنجو سر ئي ويو. ان ڪري ڪا اهڙي تجويز ڪجي، جو هڪ ئي ڀيري سموري ڳوٺ کي قيمت جي خبر پئجي وڃي. سو جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتو ته، هڪ وڻ تي چڙهي، وٺي دانهون ڪرڻ لڳو، ماڻهن جو سندس رڙيون ٻڌيون ته، سيئي ڊوڙندا اچي گڏ ٿيا ۽ ڪانئس پڇيائون: ”فقير رڙيون ڇو ٿو ڪرين؟“

”ادا! مون هي ڏڪو! فلاڻي ماڻهوءَ کان 2 رپين ۾ ورتو آهي، سڀ ڏسي ڇڏيو ۽ وري مون کان نه پڇجو ۽ جيڪو هتي نه آيو هجي، ان کي به ٻڌائي ڇڏجو!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي ڪان پري پلو!

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تي پري هليو ويو ۽ ڪيس ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. سندس ماءُ چا ڪيو جو سامان ڪٽي وجي سـ جي پاڙي ۾ ويئي. جڏهن وتايو مسافريءَ تان موٽي آيو تہ، اچي ماڻهن ڪان پڇيائين: "امان ڪيڏانهن ويئي؟"

ڪنهن چيس: "وجي سيد جي پاڙي ۾ گهر اڏيو اٿس."

نيٺ ڳولي ڳولي وجي ڪيس هٿ ڪيائين ۽ چيائينس: "امان! تون هتي ڇو اچي ويئي آهين؟"

هن چيو: "ابا! هتي ڀنهي جهانن جا وسيلا آهن، تڏهن اچي سندن پاڙي ۾ ويٺي آهيان."

وتائي چيو، "امان! ڦهر ڪري ڇڏيئي!! ڏاڍي ڪان جيترو پري، اوترو پلو، هاڻ جي سيد ڪاوڙجي تہ بہ وتايو مئو ۽ جي امان ڪاوڙجي تہ بہ وتايو مئو!!"

ڏپ

هڪ ڏينهن وتائي فقير ڪي ڪنهن رپيو ڏنو، سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين، رات جو ڪيس اچي ڪتڪو ٿيو، سو ننڊ ئي نہ پيئي اچيس، نيٺ صبح ٿيندي ئي گهران نڪتو ۽ گس ۾ هڪ ڀوڙو ڏسي، رپيو ڪڍي ان ۾ اڇلايائين. اڳتي وڌيو تہ، ڪي ماڻهو مليس، انهن مان هڪ پڇيس تہ، "فقير! وات تي ڪو ڏپ ڊاءُ تہ ڪونهي؟"

وتائي فقير چين: "ٻيلي! انهيءَ ڀوڙي تائين ڏپ اٿو، اڳتي خير آهي!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو بہ خوش ۽ آءٌ بہ خوش!

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا. هن مسڪين وٽ هڙ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. جو ڪين ڪجهہ وٺي ڪارائي. اوچتو هڪ چوڪر اچي اتي ڪهرن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏ ڪيو ۽ سڀ ڪهر تورائي ڪٽي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن چوڪر پئسن جي گهر ڪئي تہ، اتندي ٿي پہ تقڙ هٽي ڪيڻيائينس، چوڪر روئڻ لڳو. گهڙي گذري تہ، هڪ شخص آيو ۽ اچي فقير کي پئسا ڏنائين. فقير يڪدم اتيو ۽ چوڪر کي پئسا ڏيئي روانو ڪري ڇڏيائين.

مهمانن پڇيس تہ: "فقير! تو اهو ڇا ڪيو؟"

جواب ڏنائين تہ: "مون وٽ هڙ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو، ڏٺم تہ، خدا کي سوال ڪندس تہ، اهڙو تڪڙو اصل ڪونہ پڌندو، سو چور کي وٺي تقڙ هنيم. هن جو دانهون ڪيون تہ، ڏسو! تہ ڪيئن نہ پڌي ورتائين ۽ پئسا تڪڙا بہ موڪليائين. هاڻي هو بہ خوش آءٌ بہ خوش!"

تاندا

هڪ ڀيري وتايو فقير، پنهنجي ماءُ سان گڏجي، ڪيڏانهن سفر لاءِ نڪتو. هلندي هلندي واٽ تي رات پئجي وين. ماٽس، فقير کي چيو، "ابا! ڪٿان ڪو تاندو ڪٽي اچ تہ، ماني پچائي وٺان."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جواب ڏنس: ”امان! هتي رڻ پٽ ۾ ٽانڊو ڪٿان آيو؟“ ماٽس ڪاوڙ مان وراڻيو وڃي دوزخ مان ڪٽي اچ.

فقير چيو: ”امان! دوزخ ۾ ٽانڊو آهي ئي ڪونه!“

ماٽس حيران ٿي پڇيس: ”ابا! هي جو ماڻهو چوندا آهن ته، گنهگارن کي دوزخ جي باهه ۾ ساڙيو ويندو، سو ڪيئن؟“ چيائين: ٽانڊو هرڪو هتان ئي کڻي ويندو.“

سُڄائي

هڪ ڀيري سانوڻيءَ موسم ۾ درياهه اٿلڻ سبب وڏي ٻوڏ آئي. سو سڄي شهر کي ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو. ماڻهن کي اچي ساهه جي لڳي ۽ هرڪو تيز ڊوڙڻ ۾ لڳي ويو. وتايو به پنهنجون ٻه ٽي رليون ۽ مختصر سامان کڻي شهر کان ٻاهر نڪتو. ماڻهن جي اها حالت ڏسي چيائين، ”ڪڏهن ڪڏهن سُڄائي به ڪم ٿي اچي!“

ڇيڙ

هڪ ڀيري ڪنهن واهه جو بند ڀڄي پيو، اتي جي زميندار، پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو ته: ”ڇيڙ وٺي وڃ ۽ بند ٻڌائي اچ.“ ڪمدار ڇيڙ وٺي وڃي ڪم شروع ڪيو، گهارو تمام زبردست پيل هو، ان ڪري بند ٻڌجي ئي نه پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ئي گوڙ ڪيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس...!؟ سو وڏيءَ ڪوشش باوجود به بند ٻڌي نه سگهيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو، ڪمدار خيال ڪيو تہ: هاڻي جيڪو بہ ماڻهو اُتان لنگهندو وجي، ان کي بہ ڪم تي لڳائيندو وڃان، ورنہ شام تائين بند نہ ٻڌو تہ، زميندار مچرجي پوندو.

اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو ۽ ٻہ ٻيا همراهہ بہ اتان اچي لنگهيا، ڪمدار هڪل ڪئي، "ويندڙ، خبرون ڏيو؟"

هنن جواب ڏنس تہ: "اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو هيون، سندس ڪم سان ٻيا وڃون، ٻيو سڀ خير!"

ائين چئي، هو هليا ويا. پوءِ ڪمدار فقير کان پڇيو، "تون ڏي خبر! ڪنهن جو ماڻهو آهين؟"

وتائي چيو: "خدا جو ماڻهو آهيان."

ان تي ڪمدار چيو: "هل ڙي هل! تون خدا جو ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا!، هل هلي ڪم ڪراءِ."

اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏنو ۽ چيائين: "اي خدا! تنهنجو مان تہ وڏيري جهڙو بہ ڪونهي."

صحيح

هڪ ڏينهن وتائي فقير جي گهر ۾ اَنُ کپي ويو، ماڻس ٻڌايس: "ابا! اڄ گهر ۾ اَنُ خير ڪو آهي."

فقير هڪدم اٿيو ۽ ڏو مسجد ۾ گهڙي ويو. پنو قلم ڪڍي، رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چيائين، "جي ڪتو آهين تہ هتي صحيح ڏئي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو انهيءَ مهل مسجد جي در وٽ فقير کي سڏ ٿيو. ڏسي ته، هڪ شخص گڏهه تي ان جي ڳوڻ رکيو، ڪيس پيو سڏي. جڏهن فقير انهيءَ شخص وٽ آيو ته، هن چيس: "فقير! هيءَ ڳوڻ تنهنجي لاءِ آندي اٿم."

وتائي کلي ڏنو ۽ چيائين: "صحيح نيت ڪانه ڏنئي باقي اَن موڪلي ڏنئي!"

خدائي ورڇ

هڪ ڀيري ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ ڪنهن جماعتيءَ، نمازين ۾ مٺائي ورهائڻ لاءِ آندي، وتايو فقير به اتي موجود هو. سيني جماعتين فقير کي چيو: "فقير تون اتي مٺائي ورهاءِ."

فقير چيو: "ٻڌايو، خدائي ورڇ ڪريان يا ماڻهن واري؟"

سيني چيس: "فقير! خدائي ورڇ ڪر، ٻيو ماڻهن واري ڪهڙي؟"

هن ڇا ڪيو، جو ڪنهن کي ٻُڪُ ڀري ڏنائين ته ڪنهن کي بلڪل ٿورڙي، ڪنهن کي ته وري ڪَٽو به ڪونه ڏنائين.

جڏهن سموري مٺائي ورهائي دنگ ڪيائين ته، ماڻهن چيس: "واهه فقير واهه! هي ڇا ڪيئي؟"

جواب ڏنائين: "ماڻهن واري ورڇ تي اوهان مون کي ڪرڻ ئي ڪانه ڏني، باقي خدائي ورڇ ته اها آهي، جو ڪنهن کي ٻڪ ته ڪنهن کي ڏؤ! ڪنهن کي ٿورو ته ڪنهن کي گهٽو!!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتايو فقير ۽ حلوائي

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ حلوائيءَ جي دڪان جي پرسان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته قسمين قسمين مٺاين جا ٿالهه ڀريا پيا آهن، پر حلوائي ماٺ ڪريو ويٺو آهي. هن چا ڪيو، جو آگر ڏکي ڪري حلوائيءَ جي اکين ۾ هٽڻ لڳو. حلوائيءَ چيس ته: ”فقير! اهو ڇا ٿو ڪرين؟“

هن چيو: ”سچو آهين ڇا؟“

دڪاندار چيو: ”ها!“

ان تي وتائي چيس: ”جي سچو آهين ته پوءِ هيترا مال ڏسيو، ماٺ ڪيو ڪيئن ويٺو آهين؟“

دڪاندار جواب ڏنس: ”جيڪڏهن مان پاڻ ويٺو کان، ته منهنجو گهر تباهه ٿي ويجي!“

ان تي وتائي فقير هڪدم چيو: ”چڱو! تون اٿي، ته آئون ٿو کان، پلي منهنجو گهر تباهه ٿئي.“

ڏکا ته نه ڏي!

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعالىٰ کان دعا گهري رهيو هو. هٿ مٿي کٽي، سوال ڪندو، پوئتي هٽندو ويو. پٺيان کا کڏ هئي، جنهن جي کيس خبر ئي ڪانه پئي، هو پوئتي هٽندي، هٽندي اوچتو وڃي انهيءَ کڏ ۾ ڪِريو.

يڪدم مٿي نهاري چيائين: ”دعا نه ٻڌين ته نه ٻڌ، پر ڏکا ته نه ڏي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومهٽي جي نماز

وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ رات جو هڪ شخص گذاري ويو، سو ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنهن شخص فقير کي چيو ته: "فقير! رات پاڻ وارو يار گذاري ويو، ڏاڍو چڱو ماڻهو هو."

ڪهڙي وقت وفات ڪيائين.

همراهه وراڻيو: بس! فقير چا ته پڇين سج لٿي جي نماز پڙهي، ڪي گهڙيون گهر ۾ مس ويٺو ته اوچتو روح پرواز ڪري ويس.

فقير کلي چيو: "ادا چڱو ٿيو، جنهي پيو سومهٽي جي نماز کان!"

گڏهه ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي، هو ڪيس روز گاهه آڻي ڏيندو هو. اتفاق سان هڪ گڏهه اچي هريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاهه کائي ويندو هو، فقير ان کي هڪلي هڪلي ٿڪجي پيو ۽ جڏهن گهڻو بيزار ٿيو ته، رب پاڪ کي سوال ڪيائين، "ڌڻي منهنجا! هن گڏهه کي مار!"

صبح ٿيو ته ڏسي ته سندس ڍڳي مئي پئي آهي. فقير يڪدم گهران نڪتو ۽ وڃي هڪ انڌي کي وٺي آيو. ان کي چيائين: "هي مئل جانور ته سڃاڻ؟"

هن هٿ لائي چيس: "هيءَ ڍڳي آهي."

ان تي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين: "اي الله! انڌي کي به سڃاڻپ آهي ته هيءَ ڍڳي آهي. وڏيڪ چا چوان!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺيءَ جي ياد!

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ۽ وات تي "لااِله اِلاالله" جو ذڪر ڪندي پئي ويو. پر پويان ڪجهه ماڻهو پئي آيا، سي فقير جي ويجهو پهتا ته هنن سندس ذڪر ٻڌي سمجهيو ته هيءُ ڪو درويش آهي، ان ڪري انهن ماڻهن مان هڪ شخص ڪيسي مان رپيو ڪڍي، فقير کي ڏنو.

فقير، رپيو وٺي، اڳتي هليو. ڪيس دل ۾ اچي خيال ٿيو ته، انهيءَ رپئي جو ان ونان يا ماءُ لاءِ ڪپڙا. انهيءَ خيال ۾ ڪانئس ذڪر وسري ويو ۽ اچي ڳڻتيءَ ورايس. وري خيال آيس ته، هن رپئي ته مون کان الله جو نالو ئي وسارائي ڇڏيو. رپئي کي ڪيسي مان ڪڍي، اچلي ڇڏيائين ۽ چيائين، "رکو هڪ رپئي ئي مون کان الله جو نالو وسرائي ڇڏيو آهي، ته پوءِ جن ماڻهن وٽ ججهي دولت آهي، سي ڪيئن ڏٺيءَ کي ياد ڪندا هوندا؟"

امان جي وس!

وتايو فقير، هڪ ڀيري ڪنهن ڪچهريءَ ۾ وينو هو ته، اتي هڪ شخص ويني ٻين کي نصيحت ڪئي: "ادا، سڀڪجهه الله سائينءَ جي وس آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي."

ان تي وتائي فقير ڪلي ڏنو.

ماڻهن پڇيس: "فقير تون ڇو ٿو کلين."

چيائين: "اهو سڀ سچ آهي ته، هر ڪا ڳالهه رب جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وس آهي، پر هڪ ڳالهه امان جي به وس آهي!“

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”اُها ڪهڙي.“

چيائين: ”وٺيس ته پٽ رڏي - وٺيس ته ماني پچائي!“

وتايو - وتايو!

هڪ ڀيري وتايو فقير درياهه جي پرينءَ پر ٿي ويو. سو ٻيڙيءَ تي چڙهي ويٺو. جڏهن ٻيڙي ٻرجي ويئي ته، مهاڻن الله جو نالو ورتو. ٻيڙي ٻوڙي وتايو ٽپ ڏئي لهي پيو ۽ چيائين ته: ”ڪهڙي ڦهار جو نالو ورتو اٿيئي!“

انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن مان به چٽا به لهي پيا. ٻيڙي اڳتي هلي. جڏهن وچ سير تي پهتي ته خدا جي ڦهر سان اوچتو ئي اوچتو اونڌي ٿي پيئي ۽ ٻڏي ويئي.

آءُ ڪٿي کائيندس!

هڪ دفعي وتائي فقير ٻني پوکائڻ جو خيال ڪيو. ماڻهن کي ونگار لاءِ چيائين. جيڪي جوڙا ڪاهي آيا ۽ ڪيس سڄي ٻني کيڙي ڏنائون. جڏهن ٻني کيڙي بس ڪيائون ته، چيائونس: ”فقير هاڻي پٽ ڪاراءِ!“

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير ڪر خبر روئين ڇو ٿو؟“

چيائين: ”ادا! روئان ان ڪري ٿو ته، توهان ته ماني گهر به وڃي کائيندؤ. پر آءُ ڪٿي کائيندس؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چگو ٿيو...!

هڪ پيرو وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته، واٽ تي سج لهي ويس، وتس ڪيسي ۾ هڪ رپيو پيو هو. ان ڪري ڏپ اچي ٿيس، ته متان ڦورو ڦري وڃن ۽ پئسا هوندا، ته جان جو به ڏپ آهي، ان ڪري اهڙي شيءِ ئي نه هجي ته چگو. اهو سوچي، رپيو ڪيسي مان ڪڍي، هڪ ڪرڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو.

صبح جو ڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو. تنهن جي نظر وڃي رپئي تي پئي. ڪرڙ ۾ رپيو ڏسي سمجهائين ته، پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو. سو ڪهاڙي ڪٽي سڄو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين پر پوءِ به پئسا هٿ نه اچڻ تي ڪوٽي پاڙون به ڪڍي ڇڏيائينس.

وتايو فقير بہ – تن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ڳوٺ ڏانهن موٽيو، سوچيائين ته ڪرڙ مان رپيو کنيو وڃان. جڏهن اتي پهتو ته، ڏٺائين، ڪرڙ آهي ئي ڪونه ۽ اتي کڏ لڳي پيئي آهي، ڪو ڪرڙ جون پاڙون يعني لاهه به ڪڍي ويو آهي.

حيران ٿي چيائين: "وچ! چگو ٿيو، جو رپيو اڇلائي ڇڏيم، نه ته منهنجا به ائين ئي لاهه نڪري وڃن ها!"

ڏئي ٿو، پر ڪنگهائي!

ڳالهه ٿا ڪن ته وتائي فقير کي پلاءُ ڏاڍو وڻندو هو، سو هڪ ڏينهن خيال ڪيائين ته ماڻهو چون ٿا ته خدا رازق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سو آءٌ بہ آزمودو تہ ونان، واقعي اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ.

اهو خيال ڪري، شهر ڪان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهہ جي ڪناري تي بيٺل هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس ٻہ ڏينهن گذري ويا، پر ڪنهن بہ ڏاڪون پرڄي نہ آيو. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ اتي پهتو ۽ ان وڻ جي ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو (جنهن تي وتايو ويٺو هو). رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي تہ، رئيس نوڪرن کي حڪم ڏنو: "ڀهرئين ٿالهي، پريان جيڪو اچو قبو نظر پيو اچي، اتي وڃي خدا ڪارڻ ڏيئي اچو."

وتائي فقير ڏنو تہ، هاڻي جيڪڏهن ماٺ ٿو ڪيان تہ اڄ بہ بک ٿو مران، ان ڪري وني زور سان کنگهيائين. جڏهن رئيس کنگهڪار ٻڌي تہ، مٿي ڏٺائين. ڇا ڏسي تہ فقير وڻ تي ويٺو آهي. ان کي ڏسي چيائين: "فقير، هيٺ لهي اچ ۽ اچي پيٽ ڪاءِ."

فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ ڪائي ڳوٺ موٽيو. ماڻهن پڇيس: "فقيرا ڪر خبر - ٻہ ٽي ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟"

چيائين: "ٻڌو هوم تہ خدا رازق آهي، سو ان جو آزمودو وٺڻ ويو هوس!"

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: "پوءِ ڀلا ڇا ٿيو؟"

جواب ڏنائين: "ڏئي ٿو پر کنگهائي پوءِ ٿو ڏئي!"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزو کولڻ

هڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمع جو روزو رکيو. شام ٿي ته، نماز پڙهڻ ۽ روزو کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏهن روزي کولڻ جو وقت ٿيو ته، ملان فقير اڳيان دال ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيڪي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ ۽ پلاءُ رکيائين. اتفاق سان ٻن ڇٽن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو. هڪ چيو: ”تو گهران رڌل پتاتا آندا آهن، اهي ڇو نٿو کائين؟“

ٻئي چيو: ”جي گوشت کاڌم ته ڇا ٿيو، تنهنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ چوي ٿو ۽ منهنجو نه؟“

ٻنهي ۾ جهيڙو وڌي ويو ۽ هڪٻئي کي گارگند ڪيائون. نيٺ ماٺهن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ٽاريو.

فقير جو اها حالت ڏٺي، سو اٿي ملان وٽ ويو ۽ چيائينس: ”توکي شابس هجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نه ڏنئي، نه ته منهنجو نفس به هري پوي ها ۽ اڄ روز پيو اڄان ها ۽ اهڙا جهيڙا پيو ڏسان ها.“

وڏيڪ ڇا چوانءِ!!

هڪ ڀيري وتائي فقير کي ڪيڏانهن ٻري وڃڻ جو خيال ٿيو. سوچيائين ته: ايترو پنڌ ڪري نه سگهندس. ان ڪري ڪو جانور هٿ ڪريان ته، ان تي چڙهي وڃان، پنڌ ڪان به بچي ويندس ۽ تڪڙو به پهچي ويندس. اهو سوچي،

سڄي ڳوٺ ۾ ماڻهن کان سوال ڪيائين، پر ڪنهن به ويچاري کي ڪو جانور ڪونه ڏنو. نيٺ، مايوس ٿي گهر ڏانهن موٽيو. اتفاق سان گس ۾ هڪ ماڻهو گڏيس، جيڪو گڏه تي وِچي رهيو هو. ان کي سوال ڪيائين: ”ڀيلي! مون کي ضروري ڪم سان وڃڻو آهي، پنڌ گهڻو آهي ۽ پنڌ هلڻ جي همت ڪانهيم. ان ڪري مهرباني ڪرين ته، هڪ - ٻن ڏينهن لاءِ گڏهه ڏينم، ته ڪم لاهي اچان.“

ان شخص کي روح ۾ رحم پيو، سو کيس چيائين: ”فقير گڏهه حاضر آهي، تون ڀلي ڪاهي وڃ.“

وتايو فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کان گڏهه وٺي، ان تي چڙهيو. جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو ته سوچيائين ته ڏنڊو هٿانس ته تکو هلي، جيئن جلد پهچي وڃان. اهو سوچي، گڏهه کي ڏنڊو هنيائين. ته هن وٺي فقير کي ڪڏايو ۽ فقير ويچاري اچي پٽ تي ٿهڪو ڪيو.

هڪدم ڪپڙا ڇنڊي اٿيو ۽ چيائين: ”توکي جيڪو چوڻو هيم، سو ته تون اڳي ئي آهين، هاڻي وڌيڪ ڇا چوانءِ؟“

هيچ کان بچڻ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو: ابا! روڪڙ کٽي پئي آهي، هاڻ ته الله سائين کي سوال ڪر ته ڪجهه ڏياري. فقير گهر ۾ بيٺل پيَر تي چڙهي ان کي ڌوڻيو ته، منجهانئس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رپين جو مينهن وسي پيو. ان مان هڪڙو رپيو ڪٽي اچي ماءُ
کي ڏنائين. ماڻس چيس: ابا! هيترن رپين مان فقط هڪڙو
رپيو ڪٽي آيو آهين؟ فقير چيو: ”مات ڪر. هيج نہ ڪر. الله
سائينءَ کي ريجهڪ آئي تہ اهو بہ ڪسي ونديءَ!“

ڪاوڙجي ڏوڏ نہ ونيئي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هئي. ماڻس جو ان سان تمام
گهڻو پيار هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سال اچي مال
۾ ساتو پيو. ٻاڳين جا ٻاڻ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي
دانهن مچي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ بہ وهٽ هئا سي اهي
بہ مري ويا. وتايو فقير بہ انهيءَ ڏک کان بچي نہ سگهيو.
ڍڳي هيس سا بہ مري ويس. ماڻس کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اچي
روئڻ ۾ چنڪي، سو بس ئي نہ ڪري. تڏهن وتائي فقير
چيس: ”مات ڪر. مورڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڏ نہ ونيئي.“

سٽين ٿو پر سمجهين نہ ٿو

وتايو فقير ڪنهن سفر تي نڪتو. پنڌ جي تڪليف
ڪري الله سائين کي سوال ڪيائين: مولي! اڄ تہ ڪا سواري
ڏيار تہ چڙهانس. اڳتي هليو تہ هن کي هڪ ٻوليس وارو
ڏسڻ ۾ آيو. ان جي گهوڙي گس تي ويامي پيئي هئي. سو
انهيءَ تاڙ ۾ هو تہ ڪو ماڻهو اچي تہ گهوڙيءَ جو ڦر
ڪڻايانس. تنهن جو هن کي ڏٺو، سو سڏي چيائينس: هيءُ ڦر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڻ. فقير ويچارو مات ڪري ڦر ڪٽي هليو. تان جو تاٽي تي آٽي ڦر ڪي لاٿائين. جڏهن تاٽي ڪان نڪتو، تڏهن ڪلي خدا کي چيائين: "سٽين ٿو، پر سمجهين ڪونہ ٿو! مون توکي چيو تہ سواري ڏيار تہ آءٌ چڙهانس يا مون تي سواري ڪراءِ!"

خرچ تہ سندس ئي وڏيو

هڪ دفعي ملڪ ۾ اڃي ڏڪار پيو. ماڻهو مڙي وتائي فقير وٽ آيا. چيائونس: "فقير، دعا گهر تہ هيءَ مصيبت ٽري." جواب ڏنائين تہ: "ابا! اوهان کي ڪهڙي ڪس، خرچ تہ سندس ئي وڏيو."

هٿ وٺي ٻيڙي ٻيو ٻوڙي

وتائي فقير جو گهڙو چور چورائي ويا. فقير ڇا ڪيو جو ويو مسجد ۾، اتي ناهوڪو دلو ڏسي وڃي ڪنيائين. ملي چيس: "فقير، هي ڇا ٿو ڪرين؟" فقير چيو: "دلو ڪپيم ٿو، سو ٻئي هنڌان ڪٽندس تہ مالڪن کي خبر پئجي ويندي ۽ چور ڪري ڪٽي ٻڌندم. هن يار جو ڪنيو ٿو ويڃان جو هن کي نڪا پئي خبر نڪا چار. ٻي اونو هليو ويندس. ملي چيو: نہ فقير نہ، تون ڀليو آهين! هو تہ عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو.

وتائي فقير چيو: "ها! سڀ خبر پويس ٿي. تڏهن ڇتبو تہ لچن کي پناهہ پاڻ ٿو ڏئي. هي تہ هٿ وٺي اسان جي ٻيڙي ٻيو ٻوڙائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٺي مچندو ڏوڙ

وتايو فقير هڪ دفعي ڪنهن ابري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. اڳيان هڪ شخص پڇيس: "فقير، تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي جو تمام ابرو ٿي ويو آهي؟ ڏاٽو پاٽي ڪونہ ٿو مليس ڇا؟" فقير چيو: ادا، ڏاٽو تہ مون وٽ آهي ڪونہ، اهو تہ آهي الله وٽ، سو نٿو ڏئيس. گاهہ ڪرڻ جي وسيت مون ۾ بہ ڪانهي. وري منهنجو گهوڙو بہ آهي خارباز، پاٽي پيئڻ هن بہ ڇڏي ڏنو آهي. هاٺي مچندو ڏوڙ؟

ڪائو ڪائو

وتائي جي ڳوٺ جي ڀر واري ڳوٺ ۾ شاديءَ هئي. دهلن دمامن جون ڌمالون ۽ ديڳين جا دس پئي لٿا. فقير بہ پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو چنيءَ ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهٽو ئي نهاريائين، پر ڪنهن سڪتي صلاح بہ ڪانہ ڪيس. ٻيا جيڪي اوچن ڪپڙن ۾ ماٺهو پئي آيا، تن کي وٺي عزت سان پئي ويهاريو ويو ۽ کين ماني ٽڪي پئي ڪارائي وئي.

فقير ويهي ويهي نيٺ اٿيو ۽ هڪ ڪنيءَ وٽ آيو. ان کان مسواڙ تي ڪپڙا وٺي، پائي، ڏاڍي ٺٺ سان اچي چنيءَ ۾ گهڙيو. ماٺهو ڊوڙي آيا ۽ وٺي وڃي باعزت طور وهاريائونس.

يڪدم ٻوڙ پلاءُ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا.

فقير ڪپڙن ۾ هٿ وجهيو، انهن کي پيو چوي: ڪائو، ڪائو! ماٺهن چيس تہ چريو آهين ڇا؟ چيائين: ادا! آءٌ تہ اڳ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

به آيو هئس پر ڪپڙا هيم ميرا سيرا ڪنهن ڪيڪاريو ئي ڪونه پئي، هاڻ جا خوشامد پيا ڪريو سا پڪ ڪپڙن ڪري آهي، ان ڪري جن ڪري ماڻ مليو آهي اول انهن کي ته کارائيان!

آءٌ هڄان ۽ سَيون

ڳالهه ڪندا آهن ته، وتائي فقير کي سيويون گهڻيون وڻنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪيائين: ڏاڻي منهنجا! اڄ هڪڙو نماڻو سوال ته منهنجو به ٻڌ! رمضان جي عيد اچي، ماڻهو سيون رڌين. جڏهن رڌي بس ڪن تڏهن سڀ مري وڃن. آءٌ ۽ امان وڃون ۽ وڃي سڀ سيون ميڙي گهر کڻي اچون. جڏهن سڀ سيون گهر ۾ اچي وڃن، تڏهن امان به مري وڃي، پوءِ ته آءٌ هڄان ۽ سيون.

پٺهين جو گهر هيءُ آهي

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر آيو، ڏٺائين ته، دروازي جي پرسان هڪ ڇوڪرو ويٺو تورو ڪري، ڪانئس پڇيائين: ڇوڪرا ڪنهن جو آهين؟ ڇوڪر جواب ڏنس: الله جو. تڏهن يڪدم ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي وڃي مسجد جي در وٽ ويٺو. اتي چيائينس: "ابا پراوا گهر نه وڃاءِ، پٺهين جو گهر هيءُ اٿئي."

آءٌ مئو پيو آهيان

هڪڙي ڏينهن وتايو فقير گهران ڪاوڙجي نڪتو. ڇڄيائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ، بس آءُ هاڻ مري ٿو وڃان. پوءِ اتان نڪري اڇي مقام ۾ ويهي رهيو. اوچتو هڪ گاڏي اچي اتان لنگهي. اڳيان گپ هئي، تنهنڪري گاڏي ڦاسي پيئي. گاڏيءَ واري ويچاري گهڻي ئي حيلا ڪيا، پر گاڏي نڪري نہ سگهي. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين تہ، وتائي فقير ڪي پريان مقام ۾ ستل ڏٺائين. سڏ ڪري چيائينس: درويش مون کي گاڏي ڪڍائڻ ۾ تہ اچي مدد ڪر. وتائي فقير چيس: "ادا، آءُ مئو پيو آهيان، نہ تہ تنهنجي گاڏي سوير ئي نڪري وڃي ها."

ڪو سچاڻندو تہ هجي

وتايو فقير گهمندو گهمندو سير ڪندو ڪنهن شهر ۾ وڃي نڪتو. اتي سندس چاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي، تنهن ڪري مسافرخاني ۾ وڃي ٽِڪيو. ويچارو بيمار ٿي پيو ۽ مسافر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. بيماري وڌي ويئي. هن تي غشي طاري ٿي ويئي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون پيا تہ الائجي هندو آهي الاءِ مسلمان؟ وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين: "هت مرڻ نهي ئي ڪونہ ٿو، اتي تہ وڃي مران جتي ڪو سڃاڻندو بہ هجي."

ملائڪ پيا سڄو جبل تورين

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان واعظ پئي ڪيو: هميشہ وڏو پٿر ڪٽي، ان سان وٽ ڇينجي، چو تہ اهي وٽ وارا پٿر ملائڪ

توريندا ۽ انهن جو ثواب ملندو. وتايو فقير اها ڳالهه ٻڌي اٿي هليو. هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري، جبل سان وٺ چيٽي، چيائين: "هاڻ ڀل ته ملائڪ پيا سڄو جبل تورين."

جيئڻ مڙني جي مرضي

چون ٿا ته هڪ ڀيري جڏهن وتايو سفر سانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو ته سندس پالتو ڪتو به هن جي پويان پويان هلڻ لڳو. فقير گهڻو ئي تڙيس، پر ڪتو ڪٿي ٿو مڙي.

بهرحال ڪتو فقير پويان پويان هلندو رهيو. جڏهن فقير ڪنهن ڳوٺ پرسان لانگهاڻو ٿيو ته ان ڳوٺ جا ڪتا فقير واري ڪتي کي ڦري آيا. ڀهريائين ته هڪ ٻئي کي ڀشون ڏنائون. پر نيٺ ڪتن جي ولر ڪٽي فقير جي ڪتي کي دسيو. ايتري ۾ فقير به ٻٽي سوٽيون پنهنجي ڪتي کي ڦهڪائي ڪڍيون. ڪنهن ڳوٺ واري پريان بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو، تنهن چيو فقير اهو ڇا ٿو ڪرين. هي سڀ ڪتا به تنهنجي ڪتي کي پيا مارين ۽ تون به پنهنجي ڪتي کي پيو لنيون هڻين.

فقير وراڻيو: ادا! جڏهن مڙني جي مرضي اها آهي ته پوءِ مان ڇو مڙان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٿُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاٽي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book